SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1980

SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1980

سنڌ فنانس (ترميم) آرڊيننس، 1980

THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1980

SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1980

سنڌ فنانس (ترميم) آرڊيننس، 1980

THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

[30 جون 1986]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان، جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم سان ملائي پڙهيو ويجي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

ان تي هن ريت عمل ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ فنانس (ترميم) آرڊيننس، 1980 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين نومبر 1980 کان نافذ العمل هوندو.

1964 جي اولهہ

2. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 ۾:

(a) دفعہ 13 ۾ لفظن، ڪامائن ۽ انگن "پهرين جولاءِ، 1964"

پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

ڪي ختم ڪيو ويندو.

(b) پنجين شيڊول لاءِ هينئين ڪي متبادل بڻايو ويندو:

"پنجون شيڊول (ڏسو دفعہ 13)"

1. هينئين مقصدن لاءِ لائسنس ذريعي فراهم ڪيل توانائي جي صورت ۾:

(1)	(2)
(a) گهريلو	توانائي جي اڳهه جي 6 سيڪڙو برابر
(b) آفيس يا ڪمرشل	توانائي جي اڳهه جي 4 سيڪڙو برابر
(c) صنعتي ڪم ڪار:	توانائي جي اڳهه جي 3.5 سيڪڙو برابر
(d) ٽيوب ويل ۽ آبپاشي ۽ زرعي مشينري	توانائي اڳهه جي 4 سيڪڙو برابر
(e) اهڙا علائقا جتي بجلي جي فراهمي بنا ميٽر ڪئي وڃي	توانائي جي اڳهه جي 5 سيڪڙو برابر

2. هينئين مقصدن لاءِ توانائي لائسنس ڪانسواءِ فراهم ڪئي وڃڻ جي صورت ۾:

(i) گهريلو	توانائي جي في يونٽ تي 2 پئسا
(ii) آفيس يا ڪمرشل	توانائي جي في يونٽ تي 2 پئسا

(iii)	صنعتي ڪم ڪار	توانائي جي في يونٽ تي 3 پئسا
(iv)	ٽيوب ويل ۽ آبپاشي ۽ زرعي مشينري	توانائي جي في يونٽ تي 1.5 پئسا

وضاحت: اهڙا علائقا جيڪي سمورا يا اصولي طور تي جوڙجڪ جي عمل لاءِ استعمال ٿين ٿا، جيڪي فيڪٽريز ايڪٽ، 1934 جي دفعہ 2 جي هيٺ اچن ٿا، اهي صنعتي مقصد هيٺ استعمال ٿيندڙ سمجهيا ويندا.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.